بسم الله الرحمن الرحیم

## مجتمع آموزش عالي فقه

۹۸۶


سرشناسه: محدثی، جواد، ۱۳۳۱ -

عنوان قراردادی: اخلاق معاشرت . سندی

عنوان و نام پدیدآور: اسلامی زندگی جا اخلاقی اصول/ لیکک جواد محدثی؛ سندیکار نائب‌علی کمیلی.

مشخصات نشر: قم : مرکز بین‌المللی ترجمه و نشر المصطفی صلی الله علیه و آله، ۱۳۹۳.

فروست اصلی: مرکز بین‌المللی ترجمه و نشر المصطفی صلی الله علیه و آله پ ۱۳۹۳/۳۶۰/۲۵۳

فروست فرعی: مجتمع آموزش عالی فقه ۱۴

فروست: مرکز بین‌المللی ترجمه و نشر المصطفی صلی الله علیه و آله. مجتمع آموزش عالی فقه؛ ۱۴.

شابک: ۸-۶۹۳-۱۹۵-۹۶۴-۹۷۸

وضعیت فهرست نویسی: فیپا

موضوع: آداب معاشرت اسلامی -- احادیث

موضوع: اخلاق اسلامی

شناسه افزوده: کمیلی، نایب‌علی، مترجم

شناسه افزوده: جامعة المصطفی صلی الله علیه و آله العالمیة. مرکز بین‌المللی ترجمه و نشر المصطفی صلی الله علیه و آله

رده بندی کنگره: ۱۳۹۳ ۳۳۰۴۹۵۵م۴۴آ/۱۴۱/۵ BP

رده بندی دیویی: ۲۹۷/۲۱۸

شماره کتابشناسی ملی: ۳۷۲۸۸۸۴

# اسلامي زندگي جا اخلاقي اصول

ليکڪ :
جواد محدثي

سنڌيڪار:
نائب علي ڪميلي

Al-mustafa International
Translation and Publication Center

اسلامي زندگي جا اخلاقي اصول

**ليکک**: جواد محدثي

**سنڌيڪار**:نائب علي ڪميلي

**چاپو پهريون**: ٢٠١٥ع/ ١٣٩٣ش / ١٤٣٦ق

**ڇپائيندڙ**: مرکز بين‌المللی ترجمه و نشر المصطفیﷺ

● **چاپو**: نارنجستان ● **قيمت**:١٢٥٠٠٠ ريال ● **تعداد**:٣٠٠

سيئي حق ناشر وٽ محفوظ آهن

**مراکز فروش:**

● قم، چهارراه شهدا، خيابان معلم غربی(حجتيه)، نبش کوچه ١٨. تلفکس: ٩ـ٣٧٨٣٩٣٠٥ـ٠٢٥

● قم، بلوار محمدامين، سه‌راه سالاريه. تلفن: ٣٢١٣٣١٠٦ـ٠٢٥ ـ فکس: ٣٢١٣٣١٤٦ـ٠٢٥

pub.miu.ac.ir miup@pub.miu.ac.ir

با سپاس از دست‌اندرکارانی که ما را در توليد اين اثر ياری رساندند.

# ناشر جو نوٽ

ايران جي اسلامي انقلاب جي عظيم ڪاميابي ۽ رابطن جي جهاني ٿيڻ ڪري، دشمنن طرفان سوال، نوان حيلا ۽ طريقا انساني عملن جي ميدان ۾ مسلمان دانشورن مٿان ٿيڻ شروع ٿي ويا. جيڪي هڪ لحاظ سان هن دور جي حڪومت جي ذميوارن مٿان اهم ۽ انتهائي مشڪل ذميواري آهي. اهڙو زمانو جنهن ۾ دين ۽ سنت جي پابندي ملڪ جي سيني پهلوئن ڪي نظر ۾ رکندي ان جي سربراهي ڪرڻ انتهائي مشڪل ۽ رڪاوٽن جو سبب بڻجي ٿي، جنهن ڪري موجوده دور جو مطالعو ۽ تحقيق، منظم، ترتيبوار، ۽ زميني حقيقتن تي مشتمل هجڻ گهرجي. جنهن ۾ دين جي اصليت ۽ حقيقت جو عالمي معتبر اصولن ۽ بهترين فڪر ۽ سوچ وانگر هجڻ واجب ۽ ضروري آهي. فڪري گمراهين کان پرهيز ڪندي ديني ميدانن جي محققن جو فڪر ان عظيم ۽ پاڪيزه دين جي بانين، خاص ڪري انقلاب اسلامي ايران جي باني حضرت امام خمينيؒ ۽ رهبر معظم (حفظ الله) جي فرمان موجب هجڻ گهرجي.

جامعة المصطفیﷺ العالميہ (المصطفیﷺ انٽر نيشنل يونيورسٽي) قم المقدسہ ان عظيم ۽ وزنائتي ذميواري کي نڀائڻ لاءِ ۽ خالص اسلام محمديﷺ جي تعليمات عام ڪرڻ لاءِ ”بين الاقوامي ترجمہ ونشر المصطفیٰ“ جو بنياد رکيو آهي.

هي ڪتاب جيڪو ”اسلامي زندگي جا اخلاقي اصول“حوزه علميہ قم المقدسہ

جي برجسته محقق حجة الاسلام والمسلمين جواد محدثي (زيد عزه) جي تمام قيمتي قلمي شاهڪار ”اخلاق معاشرت“ جو سنڌي زبان ۾ ترجمو آهي، ان عظيم ذميواري کي جناب محترم نائب علي ڪميلي نڀايو آهي.

آخر ۾ ضروري سمجهون ٿا ته سيئي اهي عزيز جيڪي هن ڪتاب جي ڇپائي ۾ حصيدار بڻيا آهن، انهن جو شڪريو ادا ڪيون ۽ سيني اهل علم ۽ فضل کي دعوت ڏيون ٿا ته پنهنجي مفيد مشورن سان اسان کي نوازين.

**مرڪز بين المللي**
**ترجمه ونشر المصطفیٰ ﷺ**

# فهرست

مهاڳ ........................................ ١٣
سنڌيڪار پاران ٻه اکر ........................................ ١٧
١. ٻين جي حقن جي سڃاڻپ ۽ انهن جو خيال رکڻ ........................................ ٢١
ذميواري کي سڃاڻڻ، ذميواري کي انجام ڏيڻ جو بنياد ........................................ ٢١
مسلماني حق ........................................ ٢٢
٢. سلام ڪرڻ ۽ مصافحو (هٿ ملائڻ) ........................................ ٣١
سلام جي معنيٰ ۽ مطلب ........................................ ٣١
سلام جا طور طريقا ........................................ ٣٣
هٿ ملائڻ ........................................ ٣٥
هٿ ملائڻ جو طريقو ........................................ ٣٥
عورتن کي هٿ ڏيڻ ........................................ ٣٧
٣. خوش مزاجي ۽ خوش اخلاقي ........................................ ٣٩
خوش مزاجي (کِلمُکائي) ........................................ ٣٩
غم دور ڪرڻ ........................................ ٤١
خوش زباني ........................................ ٤٢
سنو برتاءُ ........................................ ٤٥
٤. عوامي سرپرستي ........................................ ٤٩
عوامي سرپرستي جون راهون ........................................ ٤٩
١.سهڻو اخلاق ........................................ ٥٠
٢.درگذر ڪرڻ ........................................ ٥٠
٣.عطا ڪرڻ ۽ محبت ........................................ ٥١
٤.نياز ۽ نوڙت ........................................ ٥٢
٥.همت ۽ بردباري ........................................ ٥٣
٦.دلجاءِ ۽ دلاسو ........................................ ٥٤
٥. مٽن مائٽن سان ناتا جوڙڻ (صله رحم) ........................................ ٥٧
مٽن مائٽن سان چڱائي ڪرڻ جا اثر ۽ فائدا ........................................ ٥٨

متن مائٽن سان ناتا جوڙڻ جو دائرو ..................... ٥٩
٦. اڄ وڄ ..................... ٦٣
ملاقاتن جو مقصد ..................... ٦٣
ملاقات جا فائدا ..................... ٦٤
مومن جي زيارت ..................... ٦٥
حاضري ملاقات ..................... ٦٦
مهر ڀري ملاقات ..................... ٦٨
٧. مهمان نوازي جا طور طريقا ..................... ٧١
مهمان گهر لاءِ برڪت ..................... ٧١
وليمو هڪ ديني سنت ..................... ٧٣
مهماني جا موقعا ..................... ٧٣
مهمان نوازي ..................... ٧٤
فضول خرچي ۾ ڏيکاءُ ..................... ٧٦
مهماني جا طور طريقا ..................... ٧٨
مهمان يا سر لاءِ جنجال؟ ..................... ٧٨
رسمي ظاهر داري يا جهڙا حال حبيبان تهڙا پيش پريان؟ ..................... ٨٠
سلمان ۽ مسلماني ..................... ٨١
اڻ ڪوٺيو مهمان ..................... ٨٣
شڪايت ڪان پاسو ڪرڻ ..................... ٨٤
٨. پاڙيسرين ساڻ ..................... ٨٧
پاڙيسري جي پناهہ ..................... ٨٧
بهترين پاڙيسري ٿيڻ ..................... ٨٩
بهترين پاڙيسري هجڻ تي هدايت ..................... ٩٠
آخري حد ..................... ٩١
پاڙيسري جي حد ۾ سندس حقَ ..................... ٩٢
٩. تحفو ڏيڻ ۽ عيادت ڪرڻ ..................... ٩٥
سوڪڙي چاهي ڪهڙي بہ هجي ..................... ٩٦
بيمار جي عيادت ..................... ٩٧
پيغمبري اخلاق ..................... ٩٨
بغير ڏيکاءُ واري عيادت ..................... ٩٩
عيادت ۾ بنا لالچ وارو تحفو ..................... ١٠٠
١٠. گهر ۾ زندگي جون حدون ..................... ١٠٣
گهر، يا آرام ۽ امن جو مقام ..................... ١٠٤
اجازت گهرڻ ..................... ١٠٦
پنهنجي رهبرن ڪان پرايون ..................... ١٠٧
قرآن جي زباني سڪون ..................... ١٠٨
اجازت ..................... ١١٠

بي قيمت نگاهون ............ ١١١
نوجوانن لاءِ درس ............ ١١٢
بغير اجازت جي ڇو؟ ............ ١١٤
١١. مزاحمت (ڪنهن جي ڪم ۾ رنڊڪ وجهڻ) ............ ١١٩
مزاحمت ڇا آهي؟ ............ ١٢٠
ڪجھ مثالَ ............ ١٢٠
دين جو فرمان ............ ١٢٣
هڪ تاريخي مثال ............ ١٢٤
١٢. مشڪل کي حل ڪرڻ ............ ١٢٧
ماڻهن جي مشڪلن کي حل ڪرڻ ............ ١٢٩
امام سجادعليه السلام جو هڪ درس ............ ١٣١
مال ۽ عزت جو استعمال ............ ١٣٢
بنا پئسي جي صدقو ............ ١٣٣
ايثار( فداڪاري) ............ ١٣٤
١٣. راز رکڻ ............ ١٣٧
راز جو احترام ............ ١٣٧
ڪهڙو راز؟ ............ ١٣٩
ماڻهن جا راز ............ ١٤٠
نظام جا راز ............ ١٤١
راز ظاهر ٿيڻ جو سبب ............ ١٤٣
١٤. ادب (بهترين اخلاق) ............ ١٤٥
ادب ڇا آهي؟ ............ ١٤٥
ادب جون نشانيون ۽ جلوا ............ ١٤٨
ادب ڪنهن کان سکون؟ ............ ١٤٩
پيغمبر اسلامصلي الله عليه وآله جو ادب ............ ١٥١
١٥. ڳالهہ ٻڌڻ جو ڍنگ ............ ١٥٣
معاشرتي ادبن جي ميدان ۾ ............ ١٥٤
١. ڳالهائڻ واري سان ............ ١٥٥
٢. استاد سان ............ ١٥٦
٣. نصيحت ڪرڻ واري سان ............ ١٥٧
٤ دل جو درد ونڊڻ واري سان ............ ١٥٨
٥ گهٽي ڳالهائڻ کان پرهيز ڪرڻ ............ ١٥٩
٦ بغير اجازت جي نہ ٻڌڻ ............ ١٥٩
١٦. بزرگواري سان پيش اچڻ ............ ١٦١
ڪمزور ۽ بلند همت انسان ............ ١٦١
جوانمردي جي معنيٰ ۽ مطلب ............ ١٦٢
ڪجھ نشانيون ............ ١٦٤

١. درگذر ............ ١٦٥
٢. نيڪي جي شروعات ڪرڻ ............ ١٦٥
٣. بدي جو جواب نيڪي سان ............ ١٦٥
٣. قدرت هوندي معاف ڪرڻ ............ ١٦٦
٤. محرومن سان درد ونڊڻ ............ ١٦٦
جوانمردن جي مڪتب ۾ ............ ١٦٧
١. پيغمبر اسلام صلی الله علیه و آله ۽ جوانمرد انسانن جو عهد ............ ١٦٨
٢. رسول خدا صلی الله علیه و آله عام معافي جو اعلان ............ ١٦٩
٣. حضرت علي عليه السلام جنگ خندق جي ميدان ۾ ............ ١٦٩
٤. حضرت علي عليه السلام جي پنهنجي قاتل سان خوش اخلاقي ............ ١٧٠
٥. معاويہ جي لشڪر سان ............ ١٧٠
٦. عاشوراءِ مروت ۽ خوش اخلاقي جي جلوي جو ميدان ............ ١٧١
٧. امام حسن عليه السلام ۽ شامي شخص ............ ١٧٢
٨. امام سجاد عليه السلام ۽ جوانمردي ............ ١٧٣
١٧. عزتِ نفس ............ ١٧٥
”عزتِ نفس جو مفهوم ۽ معنیٰ“ ............ ١٧٥
وجود جي قيمت ............ ١٧٦
سوال رسوائي جي پُل ............ ١٧٧
عزت جي گوهر جي حفاظت ............ ١٧٩
١٨. بندگي ۽ آزادي ............ ١٨٣
عزت ۽ احسان ............ ١٨٣
حقيقي عزت ............ ١٨٥
آزاد خيالي ............ ١٨٧
پنهنجي پاڻ کي قرضي ڪرڻ ............ ١٩٠
١٩. دوستي جو دستور ............ ١٩٣
دوست جهڙي نعمت ............ ١٩٣
هڪ ئي خيال ۽ طبيعت وارو ............ ١٩٤
بهترين دوست ............ ١٩٥
بي عيب دوست ............ ١٩٧
ڪجھ ٻيا نڪتا ............ ١٩٨
٢٠. دوستي جو اظهار ............ ٢٠١
محبت جا سٺا ۽ خراب اثر ............ ٢٠١
محبت جو اظهار ............ ٢٠٢
خاندان ۾ محبت جي اظهار جو فائدو ............ ٢٠٥
٢١. کل يوڳ ۽ خوش طبعي ............ ٢٠٩
کل يوڳ مومن جي خصلت ............ ٢٠٩
خدائي رهبرن جي سيرت ............ ٢١٠

کل ڀوڳ جي حد ............ ٢١٣
برو نتيجو ڏيندڙ مذاقون ............ ٢١٦
٢٢. شوق ڏيارڻ ............ ٢١٩
انسان ۾ شوق ڏيارڻ جي ضرورت ............ ٢١٩
شوق ڏيارڻ ۾ عمل ۾ هڪجهڙائي ............ ٢٢١
شوق ڏيارڻ جا طور طريقا ............ ٢٢٢
شوق ڏيارڻ ۾ تعريف جون شرطون ............ ٢٢٥
٢٣. شڪرئي ادائي ............ ٢٢٩
نعمت جا جلوا ............ ٢٢٩
ماڻهن جي شڪرئي ادائي ............ ٢٣١
ماءُ پيءُ جو شڪريو ادا ڪرڻ ............ ٢٣٣
نيڪي جا ڦُلڙا ............ ٢٣٥
شڪرئي جا اثر ۽ نتيجا ............ ٢٣٦
٢٤. نرمي سان پيش اچڻ ............ ٢٣٩
نرمي يا محبت ۽ نفرت جو اظهار ڪرڻ ............ ٢٤٠
دشمن سان نرمي ............ ٢٤٢
سخت رفتارکي برداشت ڪرڻ ............ ٢٤٤
٢٥. پوڙهن ماڻهن سان ميل ملاقات ............ ٢٤٧
الف) ايڪائي جو مرڪز ............ ٢٤٧
ب) وڏن جو احترام ............ ٢٤٨
ج) پيءُ ماءُ جي حوالي سان ............ ٢٥٠
د) ثقافت جو منتقل ٿيڻ ............ ٢٥١
هه) ڪردار جو اثر ............ ٢٥٣
٢٦. تنقيد قبول ڪرڻ ............ ٢٥٥
تنقيد ۽ خبردار ڪرڻ ............ ٢٥٥
صحيح تنقيد جو طريقو ............ ٢٥٧
تنقيد قبول ڪرڻ ............ ٢٥٨
٢٧. سچائي ............ ٢٦٣
سچائي جا جلوا ............ ٢٦٣
اجتماعي ميدان ۾ ............ ٢٦٥
سچن سان گڏ ............ ٢٦٧
سياست جي ميدان ۾ سچائي ............ ٢٦٧
مددي ڪتاب ............ ٢٧١

# مهاڳ

اسان جي دلي خواهش هوندي آهي تہ اسان جي زندگي، دلي لڳاءُ جذبي ۽ اندر جي سچائي سان سرشار هجي. سيني ماڻهن جي احترام جون حدون محفوظ رهن، اسان جي اٿڻي ويهڻي ”قرآني ثقافت“ ۽ پنهنجي دين جي تعليمات مان ڦُٽي نڪري. ”اصولي ۽ ديني زندگيءَ“ جو مقصد بہ اهو ئي آهي.

عوامي رابطن جي مضبوطي ۽ پائيداري انهن نقطن جي رعايت سان آهي، جيڪي معاشري جي ماڻهن جي ”هڪٻئي جي حوالي سان حقن“ مان ئي وجود ۾ اچن ٿا.

”ڪهڙي ريت جيئڻ گهرجي“ ۽ ٻين سان ڪهڙي طرح رابطو رکڻ گهرجي، هيءُ اهڙو نقطو آهي، جيڪو ”زندگي گذارڻ جي آداب“ ۾ سميٽجي ٿو.

مغربي ثقافت جي برخلاف، اسان جي ديني ثقافت جي روح جو بنياد ”رابطي“، ”دلي لڳاءُ“، ”تعاون“، ”همدردي“ ۽ ”احساس“ تي ٻڌل آهي. ان روشن ثقافت جا جلوا پڻ اسلام جي اخلاقي دستورن ۾ ڏنا وڃن ٿا.

”مڪتبي ۽ اصولي زندگي“ انهن رهنماين جي سڃاڻپ ۽ انهن کي زندگيءَ جي مختلف ميدانن ۾ ڪم آڻڻ آهي، رڳو زباني نعرو ۽ دعوا ناهي. جيترو اسان جي زندگي ان ديني هدايتن سان ڪرداري ميدان ۾ پيش ڪائيندي، تہ اسان جي زندگي ان اندازي مطابق مڪتبي ٿيندي ويندي. هڪ مسلمان کي ديني ثقافت جي اصولن ۽ طريقن جي دائري اندر اهڙي طرح زندگي گذارڻ گهرجي،

جو وڏي دليري ۽ فخر سان "دين جي دستخط" سان پنهنجي هر ڪردار تي مهر لڳائي، سندس زندگيءَ کي اسلام سان جڪڙي ڇڏي ۽ گهر ۽ معاشري اندر پنهنجي زندگيءَ مٿان اسلامي طريقي کي حاڪم ڪري.

"اٿڻ ويهڻ جا طور طريقا"، "ميل ملاقاتون"، "خانداني ۽ دوستي واري اڄُ وڃُ"، "مختلف ماڻهن سان گفتار ۽ ڪردار جو سلوڪ" انهن جي حدن جو لحاظ، "ٻين جي حقن جو خيال رکڻ"، "ادب، قدرداني ۽ احترام"، زندگي جي اخلاقي اصولن جي جلون منجهان شمار ٿين ٿا. اهڙا اجتماعي رابطا، مختلف عنوانن سان مختلف مقامن تي پيش ايندا رهندا آهن. ڪڏهن پنهنجي قوم ۽ قبيلي سان رابطي جي سلسلي ۾ "صلهٔ رحم" جي صورت ۾ هوندا آهن، ڪڏهن بيمارن جي عيادت ڪرڻ وقت "عيادت" جي نالي سان سڏيا وڃن ٿا. ڪڏهن ديني پيشوائن ۽ پيرن جي حوالي سان "زيارت" جي عنوان سان ياد ڪيا وڃن ٿا. ڪڏهن پاڙيسرين سان، ڪڏهن محتاجن سان، ڪڏهن ڪاڏي ڪارائڻ جي صورت ۾، ڪڏهن ويجهي ۽ پري واري مسافري ۽ اتان ڪان تحفا آڻڻ جي صورت ۾ هوندا آهن، تہ ڪڏهن وري نڪاح، شادي، غمي ۽ تعزيت جي پروگرامن ۾ شرڪت ڪرڻ جي نالي سان اهي رابطا وجود ۾ ايندا آهن.

بهرحال، اهي سڀئي هڪ قسم جي رابطي ۽ گڏيل زندگي ۾ شمار ٿين ٿا ۽ هر شخص جي انساني ۽ اخلاقي طريقي ڪار کي سمجهائن ٿا. اسلام بہ ان سلسلي ۾ تمام گهڻي گفتگو ڪئي آهي ۽ ان جي باري ۾ رهنمائي ڪئي آهي، هن ڪتاب ۾ ان سلسلي ۾ ديني تعليمات کي ڪنهن حد تائين نظرن مان گذارينداسين.

اسان کي گهرجي تہ "پنهنجائپ واري ثقافت" ۽ "ديني معيارن" جي حفاظت ڪيون ۽ وڏي عزت ۽ فخر سان، ڌارين جي ثقافت مان هٿ ڪڍي، وحي ۽ مڪتب جي اصولن تي اعتماد ڪندي، پنهنجن رابطن کي قرآن ۽ اهل بيتؑ کان پرايل اصولن جو پابند بڻايون، ۽ (نتيجي طور) ايندڙ نسلن لاءِ بہ "ادب ۽ اخلاق" کي ورثي جي طور تي ڇڏيون.

هيءُ ڪتاب جيڪو توهان جي نظرن جي سامهون آهي، اهو هڪبئي سان زندگي گذارڻ جي سلسلي ۾ ديني اخلاق جي رهنماين تي مشتمل آهي، جيڪو پهريون دفعو، ١٣٧٦ ۽ ١٣٧٧ شمسي (ايراني سال) مطابق ١٩٩٧ ۽ ١٩٩٨ عيسوي تي ”پيام زن“ رسالي ۾ ”اخلاق معاشرت“ جي عنوان سان ڇپيو هو ۽ هاڻي مختصر نظر ثاني سان توهان جي خدمت ۾ پيش ڪجي ٿو.

والسلام

جواد محدثي - قم

اسفند ١٣٧٨ شمسي